اِنَّمَا یَخْشَی اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا القرآن

مَنْ یُّرِدِ اللّٰهُ بِهٖ خَیْرًا یُّفَقِّهْهُ فِی الدِّیْنِ الحدیث

جشن

# دستارِ فضیلت

## صاحبزاده حضرت آغا حاجي عبدالوحيد جان

سرهندي - مجدّدي - فاروقي

۶/ نومبر ۱۹۸۶ء بمطابق ۳/۳ ربيع الاوّل ۱۴۰۷ھ

منتظمين

جماعت درگاه عاليه تندو سائينداد - سند

بسم الله الرحمن الرحيم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ

اي الله رحمتون موڪل حضرت محمد ﷺ جي

عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ كُلِّ

مٿان ۽ حضرت محمد ﷺ جي اولاد مٿان ، هر

ذَرَّةٍ مِائَةَ اَلْفَ اَلْفِ مَرَّةٍ

ذري جي شمار سان ڏهه لک ڀيرا -

# ربِّ زِدنی علما

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز

س ش ص ض ط ظ ع غ ف

ق ک ل م ن و ہ لا ء ی ے

والسلام

عبدالوحید جان

۲۵۔ محرم سنہ ۱۳۸۶ھ

# الله تعاليٰ جل شانه ۽ سندس حبيب صلي الله عليه وسلم سان محبت رکندڙن لاءِ خوشخبري

حضرت انس رض کان روايت آهي ته هڪ شخص رسول الله صلي الله عليه وسلم وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ، ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي؟ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن نماز لاءِ اٿيا ۽ نماز پوري ڪرڻ کانپوءِ فرمايائون ته قيامت جي باري ۾ سوال ڪندڙ شخص ڪٿي آهي ؟ ان شخص عرض ڪيو يا رسول الله (صلي الله عليه وسلم آءٌ آهيان . پاڻ پڇيائونس ته ، تو قيامت لاءِ ڇا تيار ڪيو آهي ؟ أن شخص عرض ڪيو ته يا رسول الله (صلي الله عليه وسلم) مون قيامت لاءِ نه گهڻي نماز گڏ ڪئي آهي نه ، روزا گڏ ڪيا آهن ، مون فقط الله ۽ سندس رسول جي محبت گڏ ڪئي آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم) فرمايو ته "ماڻهو پنهنجي محبوب سان گڏ هوندو ۽ تون قيامت ۾ پنهنجي محبوب سان گڏ هوندين"

(حديث - ترمذي ص ۲۳۴)

# فهرست


| صفحو | مضمون | لکندڙ |
|---|---|---|
| ٤ | حمد | محمد بشير بابر |
| ٥ | ثنا | ابو محمد مجددي |
| ٦ | اظهار تشکر | ابو محمد مجددي |
| ١٠ | حضرت خواجه عبدالرحمٰن رحه جي سنڌ ۾ آمد | ابو محمد مجددي |
| ٢٥ | تاثرات | مناظر اسلام حضرت علامه محمد عثمان ميمڻ صاحب |
| ٢٧ | صاحبزاده عبدالوحيد جان مجددي | ڊاڪٽر عبدالقادر جتوئي |
| ٣١ | تاثرات | حضرت علامه مفتي ابوسعيد گل محمد صاحب. |
| ٣٣ | اسقاط ڪرائڻ | صاحبزاده حضرت آغا عبدالوحيد جان مجددي |
| ٤١ | تاثرات | حضرت مولانا مفتي عزيزالله |
| ٤٥ | مختصر تعارف | ڊاڪٽر عبدالقادر جتوئي |
| ٤٨ | مناجات شريف | صاحبزاده حضرت آغا عبدالوحيد جان مجددي |
| ٤٩ | حالات حضرت شاه غلام محمد پشاوري رحه | قطب الاقطاب حضرت شاه آغا رحه ترجمه و اختصار حضرت آغا عبدالحميد جان مجددي فاروقي مدظله العالي |
| ٦٤ | گذارش | ابو محمد مجددي. |

# انتساب

دستاربنديءَ جي هن تاريخي موقعي تي محبت ۽ عقيدت جي اظهار خاطر ڇپايل هن رسالي کي صاحبزاده حضرت آغا عبدالوحيد جان مجددي جن جي استاد محترم حضرت علامه مفتي عزيزالله صاحب ٻگهيو جن ڏانهن منسوب ڪجي ٿو.

بسم الله الرحمن الرحيم
نحمده ونصلي على رسوله الكريم

سڀ عزيز احباب ۽ مخلص مريد
جيڪا منهنجي دل سندي اُميد هئي
يعني منهنجو پٽ وڏو خلف الرّشيد
علم ديني اُن پڙهي پورو ڪيو
مون انهيءَ تقريب جي لاءِ آهي هي
سال اُڻويهه سؤ ڇهاسي عيسوي
سال چوڏهن سؤ ۽ ست هجري ۾ شل
رات جمعه، ڏينهن جمعه جي اندر
جاءِ آدرگاهه ٽنڊو سائينداد
مان اوهان سڀني کي ان نعمت جي لاءِ
سڀ اچي تقريب کي سينگارجو
آ دعاگو سڀ جو هي عبدالحميد

تو دعا ڪان پوءِ ڏيان مان هي نويد
سا خداءِ پاڪ آ پوري ڪئي
جيڪو صاحبزادو آ عبدالوحيد
لائق آ دستاربنديءَ جي ٿيو
ڏينهن ۽ تاريخ مقرر آ ڪئي
مه نومبر جي ڇهين تاريخ ٿي
ٿين يا چوٿين ماه ربيع الاوّل
هي ۽ مجلس خير سان ٿئي خوب تر
جا ٿي ٿيندي هي مجلس انعقاد
دل سان توهوت ڏيان شرڪت جي لاءِ
۽ دعائن سان، اسان کي سارجو
خوش رهو سڀ ٿي الى يوم الوعيد

الداعيان الى الخير

پير محمد سعيد جان سرهندي
پير عبدالحميد جان سرهندي
سجاده نشين، ٽنڊو سائينداد

پروگرام

خيرات جي ماني: بعد نماز مغرب
مجلس دستاربندي: بعد نماز عشاء

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم





# عربي گهوٽ

روايت آهي ته هڪ ڏينهن امُ المومنين حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جي موجودگيءَ ۾ اصحاب ڪرام رضوان الله تعاليٰ اجمعين جون ڳالون حضرت يوسف جي حسن جو تذڪرو ڪري رهيون هيون. ڪن ائين ٿي چيو ته خدا تعاليٰ حضرت يوسف عليه السلام کي ايترو ته حسن ڏنو هو جو مصر جي عورتن ڪيس ڏسڻ سان پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا، ڪن ٿي چيو ته حضرت يوسف عليه السلام جي حسن جي ديدار سان ڏڪار جي ماريل مخلوق ٽن مهينن تائين ڍائجي ويئي. امُ المؤمنين حضرت بيبي عائشه صديقه رضه، حضرت يوسف جي حسن جو اهو چرچو ٻڌندي فرمايو ته بيشڪ حضرت يوسف عليه السلام کي ڏسڻ سان مصر جي مخلوق ٽن مهينن لاءِ ڍائجي وئي هئي، ليڪن خدا جو قسم جن منهنجي عربي گهوٽ (عليه الصلوات والسلام) کي ڏٺو سي ٻنهي جهانن ڍائجي ويا.



# اظهارِ تشڪر

جيڪا منهنجي دل سندي اميد هئي
سا خدائي پاڪ آ پوري ڪئي.

رب ذوالجلال والاڪرام جا لک شڪرانا جنهن اِها اسان کي مرشد سائين قبلا حضرت شاهه آغا رحه جي انهيءَ دعا جي اگهامي جو ڏينهن دستاربنديءَ جي هن سڳوري مجلس جي رنگ ۾ ڏيکاريو آهي. جيڪا دعا پاڻ سندن پڙپوٽي تنهن ڏي صاحبزادي آغا عبدالوحيد جان جي رسم "بسم الله" جي موقعي تي گهري هئائون.

يقينن ان خوشيءَ سنڌي تاريخيءَ موقعي تي سڀ مخلص ۽ مريد رب پاڪ جا جيترا احسان مڃيون اوترا گهٽ آهن، جنهن پنهنجي محبوب حضور پُر نُور عليه الصلوات والسلام جن جي صدقي ۾ اسان سڀني کي انهيءَ خوشيءَ جي نعمت سان نوازيو آهي.

شال حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحه جي دعا طفيل قطبيت ۽ قيوميت سان گڏ مجدديت پڻ هميشه سندن گهراڻي ۾ قائم ۽ دائم رهي، ۽ درگاهه عاليه جي فيض جو سج هميشه روشن رهي ۽ افادات جو چنڊ هميشه چمڪندڙ هجي.

آمين ـ ثم آمين.



روضہ شریف حضرت امام ربانی مجدد الف ثانی شیخ احمد فاروقی

سرہند شریف



" مقبرہ شریف گنجو نکر ".

# حضرت خواجه عبدالرحمٰن رح جي سنڌ ۾ آمد،

حسب نسب جو سلسلو ستيتاليھ پشتن جي واسطي سان خليفه ثاني حضرت عمر رض ابن الخطاب رض الله تعاليٰ عنه تائين وڃي پهچي ٿو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحه (جن جي پنڌائنرٽيهين پشت ۾ ٿي) کانوٺي حضرت خواجه عبدالحميد جان مدظله العالي (سجاده نشين درگاهه عاليه) تائين هيٺ ڏجي ٿو. جنهن ۾ محترم حضرت صاحب جن جي وڏي صاحبزادي جو نالو نمبروار لکيل آهي.

| نالو | تاريخ وصال | مزار شريف |
|---|---|---|
| قيوم رحماني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي | سن ١٠٣٤هه | سرهند پٽيالا |
| قيوم ثاني حضرت خواجه محمد معصوم رحه اول عروة الوثقيٰ | سن ١٠٧٩هه | " " " |
| قيوم زمان حضرت خواجه محمد صبغت الله رحه | سن ١١٢٢هه | " " " |
| قدوت العالمين حضرت حضرت خواجه محمد اسماعيل شهيد رحه | سن ١١٣٦هه | " " " |
| غوث الاغواث حضرت خواجه غلام محمد معصوم ثاني رحه | سن ١١٦١هه | " " " |
| قدوت الاولياء حضرت شاهه غلام محمد عرف حضرت جي پشاور والا | سن ١١٧٨هه | پشاور |
| قدوت العارفين حضرت شاهه غلام حسين رحه پشاوري | سن ١٢٠٤هه | پشاور |

جيئن ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضه عنه فرمايو آهي ته سندس اولاد ۾ قطبيت قيامت تائين قائم رهندي. حضرت صاحب ممدوح رحه سندن پشت ۾ وقت جا قطب، بلڪ قطب الاقطاب هئا. ان کانپوءِ سندن اولاد پڻ قطبيت سان سرفراز ٿيو.

جڏهن ته هن فاني دنيا مان هر هڪ کي هلڻو آهي، حضرت صاحب رحه تقريبن چاليهه ڏينهن جي بيماريءَ کان پوءِ سومر ڏينهن ٢ رجب سن ١٣٦٥ هه، ٦- جون سن ١٩٤٦ هجري ٨٧ سالن جي عمر ۾ رحلت فرمائي.

انا لله وَ انا اليه راجعون.

## قطب الاقطاب حضرت آغا عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا رحه

سندن ولادت باسعادت ٨- ماهه جمادي الاول سن ١٣٠٥ هه ۾ ٽڪڙ شريف ۾ ٿي. ١٠ سالن جي عمر تائين پنهنجي ڏاڏي حضرت خواجه عبدالرحمان جان جي جهوليءَ ۾ تعليم وَ تربيت حاصل ڪيائون. فارسي ڪتاب پوري ڪرڻ کانپوءِ عربيءَ جو پهريون سبق ڪانئڻ پڙهي پوءِ باقاعده ديني ڪتاب مولوي عبدالقيوم بختيار پوري، مولوي لعل محمد منياروي ۽ مخدوم حسن الله پاٽائيءَ وٽ پڙهيا ۽ باقي علم مولوي خير محمد منگسيءَ وٽ پڙهي پورو ڪيائون.

پاڻ، سندن والد صاحب رحه جن جي انتقال کان پوءِ مسند نشين ٿيا. سندن عمر مبارڪ ٨٣ سال هئي. ان عرصي

۾ چار حج ڪيائون، چند مسجدون ۽ ڪافي مدرسا تعمير ڪرايائون ۽ تقريبن ١٥ ڪتاب ۽ ننڍا وڏا رسالا تصنيف فرمايائون، مثلن

١ - انتخاب مڪتوبات شريف (فارسي)

٢ - اربعين مڪتوبات (فارسي)

٣ - مونث المخلصين (فارسي)

٤ - حفظ حديث (فارسي)

٥ - هدايت الحج (سنڌي)

٦ - راحت القلوب (سنڌي)

٧ - راحت المخلصين (سنڌي)

٨ - الارشاد شرح بانت سعاد (سنڌي)

٩ - احسن الوسائل في تحقيق المسائل

١٠ - مخزن العلوم (سنڌي) حصو علم ادب جو، حصو علم قرآت جو، حصو علم فقه جو، حصو علم حديث جو، حصو علم تعويذات جو، حصو علم طب جو

١١ - شرح قافيه (عربي)

١٢ - تعريف الامراض (عربي)

١٣ - تفريق الامراض (فارسي)

١٤ - برگ سبز (فارسي)

١٥ - مقابر الاولياء

١٦ - ستر و حجاب (فارسي)

نوٽ:- حضرت صاحب رح پنهنجي ذاتي خرچ سان ڪتاب ڇپرائي مفت تقسيم ڪندا هئا.

تائين ڪا نماز ترڪ نہ ڪيائون . خليفو سائينداد ، ماستر نور محمد پناڻ ۽ سندس پٽ محمد قاسم، مبارڪ علي، حافظ انور وغيره (جن جو پاڻ پرڀائين اُن خدمت لاءِ انتخاب ڪري چڪا هئا) سندن خدمت ۾ هوندا هئا . پاڻ هڪ هفتي تائين زير علاج رهيا آخري رات عشاءَ جي نماز بعد قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ تهجد وقت قرآن پاڪ ختم ڪري اکيون بند ڪيائون ، جنهن کي ماستر نور محمد پناڻ ۽ سندس پٽن ننڊ سمجهيو، ليڪن اهو ئي سندن وصال هو . پاڻ ٢ - ربيع الاول سن ١٣٩٣ھ بمطابق ٧ - اپريل ١٩٧٣ع هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن سفر اختيار ڪيائون .

إنا لله وَإنا إليه راجعون

## امام العارفين حضرت خواجه غلام علي جانؒ

حضرت خواجه غلام علي جان رح پنهنجي والد حضرت آغا عبد الله جان رح المعروف بہ شاهه آغا رح، جنهنجي انتقال ڪان پوءِ مسند نشين ٿيا . سندن ظاهري ۽ باطني تعليم وَ تربيت سندن ڏاڏي حضرت خواجه محمد حسن جان رح جن کان ٿي . پاڻ ابتدائي درسي ڪتاب پنهنجي ڏاڏي حضرت خواجه محمد حسن جان رح وٽان پڙهيا ، پوءِ باقي علم وقت جي جيد عالمن وٽ حاصل ڪيائون ، مثلن :- مناظرِ اسلام حضرت مولانا عبدالقيوم بختيار پوري (جيڪو نہ صرف هندستان بلڪ

۾ پاڻ حاجي ڪريم بخش جتوئي - محمد منير ابڙي ۽ امام بخش خان جتوئي سان گڏ عمرو ادا ڪرڻ لاءِ ويا ۽ اُتي سندن عجيب عجيب ڪرامتون ظاهر ٿيون (جنجي اظهار جي ممانعت آهي) پاڻ هڪ مهيني ڪانپوءِ تاريخ ٢٥- شعبان سن ١٣٩٧ هه ۾ ٦٢ سالن جي ڄمار ۾ رحلت فرمايائون •

انا للّٰہ وَ اِنا اِليہ راجعون •

## حضرت خواجه عبدالحميد جان مدظلہ

حضرت خواجه عبدالحميد جان سرهندي ، مجددي فاروقي مد ظله العاليٰ جي ولادت باسعادت ماه ذوالحج سن ١٣٦٢ هه ۾ ٿي • جيئن ته پاڻ ننڍي پڻ کان ئي هميشه پنهنجي ڏاڏي حضرت شاه آغا رحه سان گڏ رهندا هئا ، انڪري ڪين ظاهري ۽ باطني تربيت سان گڏ ابتدائي تعليم به انهن وٽان ملي •

١٢- سالن جي ڄمار ۾ سندن والد صاحب رحه ڪين قرآن حفظ ڪرڻ لاءِ بختيار پور ، حافظ محمد ايوب صاحب بختيارپوري ڏانهن موڪليو ، ليڪن جلد ئي انڪل ڏهه سيپاره حفظ ڪرڻ ڪانپوءِ ڏاڏي جي حڪم موجب ٽنڊي سائينداد واپس اچي (سندن چاچي) حضرت قبلا غلام نبي جان رحه جن وٽ فارسي علم کان فارغ ٿيا ۽ عربي پنهنجي ڏاڏي وٽ ئي پڙهيائون پاڻ پنهنجي والد بزرگوار ڪانپوءِ مسند نشين ٿيا • ڪين سن ١٢٦٨ هه ۾ حج جي سعادت نصيب ٿي (جنهنه بنده را قسمـ

الحروف ۽ خداداد بلوچ سائڻ خدمت ۾ گڏ هئا) مسند نشينيءَ جي ٻئي سال کين حضور عليه الصلوات والسلام جن جي روضي اقدس تي حاضريءَ جو شرف حاصل ٿيو ۽ ٽن مهينن تائين مدينه طيبه ۾ قيام جي دوران حضور عليه الصلوات والسلام جن جي ظاهري ۽ باطني عنايات ۽ توجه خاصا سان سرفراز ٿيا. انهيءَ سال وري کين ٻئي حج جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ ٽنڊي سائينداد ضلع حيدرآباد ۾ سلسله مجدديه جي چراغ کي حسب دستور روشن ڪيو اچن.

---

## ڪلمه طيبه







مسجد شريف درگاهه عاليه ٽنڊو سائينداد



تاج مسجد مورو



# تاثرات

سڀ ثنا ان واجب الوجود هستي کي سونهي ٿو جنهن جي اڳيان انساني عقل هيچ ۽ مفلوج بلڪ نيست و نابود آهي جنهن انسان کي عدم مان وجود ۾ آڻي ذات و صفات جي عجائب ڏئي اشرف المخلوقات جو شرف بخشي، حضرت محمّد عربي عليه التحيه والتسليم جي امت ۾ پيدا ڪري اسلام جي دولت ڏئي "کنتم خير امة" جي نعمت سان نوازيو بيحد صلاتون ۽ سلام ان نوري نبي صلي الله عليه وسلم ۽ سندس آل ۽ اصحاب ۽ سموري امت تي هجن.

اما بعد صاحبزاده الحاج مولانا مولوي پير عبدالوحيد خان سرهندي، مجددي جنهن تعارف جا محتاج نه آهن. پاڻ نوجوان عالم، فاضل، متقي ۽ پرهيزگار اوصاف حميده جا صاحب آهن ۽ اسان سان ادب، احترام ۽ سهڻي اخلاق سان پيش ايندا هئا اڪثر ڪري عصر جي نماز کان بعد مغرب جي نماز تائين مون سان علمي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ ديني مسائل بابت گفتگو ڪندا هئا.

پاڻ عابد، زاهد، تهجد ۽ اشراق گذار آهن ۽ علم ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. مونکي سندن پڙهڻ تي خوشي حاصل ٿي آهي.

اسان سندن والد ماجد صاحب ۽ صاحبزاده صاحب

ڪي هن ديني تعليم حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني خوشيءَ جو اظهار ڪيون ٿا. الله تعاليٰ صاحبزاده صاحب کي قيامت تائين شاد و آباد رکي ۽ سندس درگاهه مريد مخلص آباد هجن ۽ جن ماڻهن صاحبزاده جي پڙهائڻ ۾ دلچسپي ورتي تعاون ڪيو خصوصًا رئيس الحاج ڪريم بخش خان جتوئي ۽ ٻيا مددگار خوش ۽ آباد هجن ۽ سندن مال ۽ دين ايمان ۾ برڪت هجي -

آمين - ثم آمين

ادنيٰ عباد الله الحنان محمد عثمان
سلمه المنان الي يوم الميزان

" مهتمم مدرسه عربيه رحمانيه مسرور "



از سندیله
۵ محرم الحرام
سنه ۱۳۴۲

نور چشمی برخوردار اعلام علی جان سلمه

بعد از دعوات و تسلیمات واضح و لایح باد که این فقیر از طرف کراچی روز [illegible]
شب جمعه در اینجا بخیر آمده است و از کراچی نیز یک کارڈ از ایشان [illegible]
فرستاده بودم و کتاب کنز الدقائق در اینجا رسیده است امید که به
بطرف ایشان زودتر فرستاده خواهد شد

ثانیاً آنکه مسموع گردیده که مخلص کرم جناب آغا صاحب در [illegible]
از عارضه درد پای بسیار سخت بیمار شده‌اند اگر در آنجا [illegible] باشند
تا شما خود بجای ایشان رفته احوال ایشان دیده و مزاج پرسی کرده
هر چه احوال باشد بنویسند و از طرف فقیر نیز دعاگوئی و مزاج پرسی
بنمایند و اگر نیامده باشند تا هم از احوال مطلع فرمایند
دیگر باقی از هر باب خیریت است بخدمت حضرت [illegible] صاحب [illegible]
[illegible] واقفیه [illegible] فقط والسلام فقیر شاه [illegible]

# تاثرات

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

وبعد هزارين احسان، لکين لطف، ڪروڙين ڪرم ڪائنات جي ڪارساز، باري بيپرواه بادشاه جا جنهن انسان کي "لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم" جي قالب ۾ آڻي اشرف المخلوقات جو جڳهه مٿي تي رکي "ولقد ڪرمنا" يعني آدم جي پوشاڪ پهرائي انسان کي عقل ۽ علم جي دولت سان مالا مال ڪيو. مخفي مباد صاحبزاده الحاج مولانا مولوي پير آغا عبدالوحيد جان سرهندي نوجوان عالم آهي. جنهن کي الله تعالي علم جي دولت سان سرفراز فرمايو آهي. پاڻ نهايت عابد، زاهد، صاحب تقوي ۽ جيد عالم فاضل آهن. سندن حسن اخلاق وَاوصاف کان آءٌ نهايت ئي متاثر آهيان.

صاحبزاده گفتگو دوران هميشه علمي بحث مباحثو ڪندا هئا، جنهن مان سندن تعليمي شوق اظهر من الشمس آهي. اسان کي سندس تعليم حاصل ڪرڻ تي ناز آهي ۽ تڪميل علم تي کيس، سندس والد بزرگوار، عزيزن قريبن ۽ مخلص مريدن خاص ڪري الحاج ڪريم بخش خان جتوئي کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيون ٿا ۽ دعا آهي ته رب پاڪ کين شاد وَآباد رکي ۽ سندن مال ۽ ايمان ۾ برڪت عطا فرمائي. آمين

ابو سعيد گل محمد

سلمه الصمد عن کل شر حاسد اذا حسد

نائب مهتمم مدرسه عربيه "رحمانيه" مورو.

# اسقاط

بسم الله الرحمٰن الرحيم ٥

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

سوال ١ - اسقاط ڪرائڻ جائز آهي يا نه؟ ٢- اسقاط ۾ ڪهڙيون دعائون پڙهبيون ۾ ڪهڙي طريقي سان ڪرائبو آهي؟ ٣- قرآن شريف بخشائڻ جائز آهي يا نه؟ ٤- جا اسقاط ۾ قرآن شريف بخشرائڻ ساڳي ڳالهه آهي؟

الجواب بعون الملڪ العلام .

١ - اسقاط لفظ جي لغوي معنىٰ ڪيرائڻ آهي ۽ اصطلاحي معنىٰ ميت جي ذمي تي جيڪي احڪام شرعي مثلن نمازون ، روزا، اضحيون ، نذر ، فطرا وغيره رهيل هجن جنهنجي ڪري ميت عذاب ۾ گرفتار ٿئي ٿو تن ڪي فديو يا اُن يا ان جي قيمت ڏيئي ڪيرائڻ کي اسقاط چئبو آهي. اسقاط جو ثبوت حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني کان ثابت آهي. جيئنڪ صحاح ستہ جي مشهور ڪتاب جامع ترمذي شريف باب الصوم ۾ حضرت عبد الله بن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته.

" من مات وعليه صيام شهر رمضان فليطعم مكان كل يوم مسكينا

مطلب ته جيڪو شخص مري وڃي ۽ انهيءَ جي مٿان رمضان جا روزا رهيل آهن ته انهيءَ ميت جي وارثن کي گهرجي ته ان جي عيوض

حضرت صاحب اسقاط ڪرائڻ جو تاڪيد سان حڪم فرمائيندا هئا ساڳيءَ طرح حضرت خواج محمّد حسن جان مجدّدي فاروقي رح جن پنهنجي وصيت نامي ۾ جيڪو اسان وٽ هن وقت به موجود آهي تنهن ۾ حضرت خواج صاحب پنهنجن وارثن کي وصيت فرمائي آهي ته منهنجي اسقاط ضرور ڪرائجو • سندن حڪم موجب سندن وفات بعد اسقاط ڪرائي وئي •

هاڻي اسانکي مٿين حديثن ، خلفاءِ راشدين جي قولن ، ۽ اجماع امت ۽ بزرگان دين جي فرمانن مان صاف صاف علوم ٿيو ته شرعًا اسقاط بلڪل جائز آهي • جنهن۾ ڪو ب شڪ شبهو نه آهي • هيترا واضح دليل ڏسي به اسقاط جي جواز کان منهن موڙڻ نامناسب ۽ جهل آهي •

٢ ـ اسقاط ۾ ڪٿهون دعائون پڙهيون ۽ ڪهڙي طريقي سان ڪرائبو آهي ؟

اسقاط ڪرائڻ وقت هي دعا پڙهبي •

ڪل حق من حقوق الله تعاليٰ و رسوله من الفرائض والوا جبات والڪفارات والمدورات والاضاحي والحج والفطرات وغير ذالڪ من حقوق التي لزمت عليٰ هٰذا الميت المتفوي بعضها ادّي وبعضها لم تعد الآن عاجز عن ادائها فقد اعطيتڪ هذا المصحف الشريف رجاء من الله تعاليٰ ان يغفره آمين يا رب العالمين •

ترجمو:ـ هن دعا جو هن ريت آهي ته جيڪي حق الله تعاليٰ ۽

سند سان رسول مقبول عليه الصلوات والسلام جا ، واجب ۽ فرض
ڪفارتون ۽ نذر ۽ اضحيون ۽ حج ۽ فطرا وغيره جيڪي به حق
آهن ۽ هن ميت تي لازم ٿيا جن مان ڪي ادا ڪيا اٿس ۽ ڪي
ادا نه ڪيا اٿس ۽ هاڻي انهن جي ادا ڪرڻ کان عاجز آهي
تنهنڪري هي قرآن ڪريم انهن حقن جي فديه ۾ توکي ڏنم
وٺندڙ چوندو ته قبول ڪيم.

اسقاط جو آسان طريقو هي آهي . ملحق السير الڪبير لمحمد رحمه ربه ، خلاصه[1] ،تحفة[2] الصلحاء ، اعلام المومنين ، وغيره ۾ لکن ٿا ته ولو اعطى[1] الوارث المصحف لفقير واحد من غير ان يبين قيمة المصحف وتعداد مافات من الصلواة والصوم وغيرهما من الواجبات صح وسقط من الميت ڪل مافاته :- ترجمو هي آهي ته جيڪڏهن ميت جي وارث ميت جي حقن روزن ، نمازن ، وغيره ڪي بيان نه ڪيو آهي نه قرآن ڪريم جي قيمت ڪيائين بلڪ سڀني حقن ميت جي عيوض قرآن شريف هڪ فقير کي ڏئي ڇڏيائين ته به صحيح ٿيو ۽ ميت جي مٿان سڀ حق ڪري پوندا.

اسقاط جو ٻيو طريقو اسانجي وڏن عالمن جهڙوڪ ، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مولانا عبدالغفور همايوني هن ريت لکيو آهي ته پهرياڻ ميت جو وارث پنهنجو ذاتي قرآن شريف آڻيندو پر جيڪڏهن وارث وٽ پنهنجو قرآن شريف نه آهي

# تاثرات

## حسا مد او مصليا

حمد ۽ صلوات کانپوءِ روشن هجي ته الله تعالى جا انسان تي ڪروڙين ڪرم ۽ اڻ ڳڻيا احسان آهن. ارشاد رباني آهي "وَاِن تعدُوا نعمة الله لا تحصوها" سنڌ جي شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه هن طرح ترجماني ڪئي آهي.

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا
ٻاجايون ۽ ٻيرا، ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا.

(شاهه)

الله تعالى انسان کي پيدا ڪري "عَلَّمَ الانسانَ مالم يعلم" جي نعمت سان نوازي "علمه البيان" جي بلندي ۽ برتري سان سرفراز فرمايو.

حضرت آدم عليه السلام کي علم جي ڪري ملائڪن تي فضيلت ۽ فوقيت جو شرف عطا ڪيائين. ۽ نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جي شان ۾ "وعلمك ما لم تكن تعلم" نازل فرمائي "ما كان وما يكون" جي علم سان نوازي "ورفعنا لك ذكرك" سان مرتبو مٿاهون ڪيائون. پاڻ سڳورا ايتري علم هوندي به "رب زدني علما" جي دعا گهرندا هئا ۽ پنهنجي امت کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايائون.

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي حڪم جي اطاعت ڪرڻ خاطر ۽ دين اسلام کي صحيح نموني سمجهڻ خاطر

۽ اخلاقِ جليله جو صاحب آهي، پاڻ اسان سان نهايت عزت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا ۽ مدرسي جي شاگردن سان پڻ نهايت پيار ۽ شفقت سان پيش ايندا هئا. ڪيترن غريبن شاگردن جي تمام گهڻي مالي امداد ڪندا هئا. پاڻ صاحب ڪرامت جا هئا، جو ته فيض برڪت ڪرامت کين موروثي مليل آهي.

آءٌ بلا مبالغه چوان ٿو ته اسانکي پٽ جو اولاد نه هو. گهر ۾ اميدواري هئي، شعبان جو مهينو هو، پاڻ مون کي غمگين ڏسي فرمايائون ته، سائين الله تعالىٰ توهان کي انشاءالله فرزند ارجمند ڏيندو. جڏهن رمضان مهيني جي ۲۴ تاريخ جمع جي رات سال ۱۴۰۲ هه ٿي الله جل جلاله جي قدرت، صاحبزاده جي دعا سان فرزند عطا ٿيو جنهنجو نالو مختيار احمد رکيم.

پاڻ تدريسي ڪتابن کانسواءِ ٻيا ڪافي ڪتاب به مطالع ڪندا هئا، جنهن ڪري عصر جي نماز کانوٺي مغرب جي نماز تائين مدرسه عربيه رحمانيه جي مهتمم جناب حضرت علامه مولانا مولوي الحاج محمد عثمان ميمڻ صاحب مد ظله العالي سان علمي گفتگو ڪندا هئا، جنهنڪري مدرسي جا اڳوڻا ۽ علامه حضرت مولانا مولوي گل محمد صاحب ۽ سندن اولاد ۽ اڪابر به صاحبزاده کان نهايت متاثر هوندا هئا، پر پٺ به سندس تعريف ڪندا هئا. اسان صاحبزاده صاحب جي

علم تکميل ڪرڻ تي صاحبزادہ صاحب ۽ سندس والد ماجد درگاهہ جي سجادہ نشين حضرت آغا عبد الحميد جان سرهندي ۽ ٻين سندس عزيزن ۽ قريبن ، مريدن ، مخلصن خصوصا رئيس الحاج ڪريم بخش خان جتوئي صاحب کي دلي مبارڪباد ڏيون ٿا جن صاحبزادہ جي پڙهائي ۾ هر طرح سان تعاون ڪيو جنهنڪري سرهندي خاندان ۾ علم جو ڇهڇٽو عروج تي اچي ويو ۰ آخر ۾ الله تعالي جي دربار ۾ دعا آهي ته انهي علمي سلسلي کي سندس خاندان ۽ اولاد ۾ پشت در پشت قائم و دائم رکي ، اسان کي سندن خانداني بزرگن جي صدقي ايمان جي دولت ۽ روضہ اطهر جي زيارت نصيب فرمائي -

أحب الصالحين ولست منهم لعل الله يرزقني صلاحا آمين ثم آمين يا رب العالمين بحرمة سيد الاولين و الآخرين صلي الله عليه وآله وصحبه اجمعين -

ادنیٰ عباد الله عزيز الله

" مدرس مدرسه عربيه رحمانيه "

معرو ضلع نواب شاہ ۰

# مختصر تعارف

| | |
|---|---|
| - مقام ولادت | درگاهه ٽنڊو سائينداد. |
| - تاريخ ولادت | ٢٢- ڊسمبر سن ١٩٦٣ع بمطابق آچر ٥- شعبان سن ١٢٨٣ ھ. |
| - ابتدائي استاد | غوث الزمان حضرت شاهه آغا رح. |
| - ابتدائي تعليم "بسم الله" | ٢٥- محرم الحرام سن ١٣٨٨ ھ. |
| - عمر | اٽڪل ٤ سال ٤ مهينا. |
| - پرائمري تعليم | ٽنڊو سائينداد. |
| - پرائمري اسڪول ڇڏڻ. | ١- اپريل سن ١٩٧٢ع. |
| - سيڪنڊري تعليم | هاءِ اسڪول ٽنڊو محمد خان. |
| - مئٽرڪ جو امتحان | سال ١٩٧٩ع. |
| - فارسي تعليم جي ابتدا. | ١١- جون سن ١٩٧٦ع. |
| - فارسيءَ جو استاد | حضرت مولانا مفتي عزيز الله ڀڳيو صاحب. |
| - مقام | مدرسه "رحمانيه" مورو سنڌ. |
| - زيارت لاءِ سرهند شريف روانگي. | ٤ جنوري سن ١٩٨٠ع. |

| | |
|---|---|
| عربي تعليم جي ابتدا. | ١٢ فبروري سن ١٩٨٠ع. |
| -أستاد | حضرت مولانا مفتي عزيز الله ٻگهيو صاحب. |
| -مقام | مدرسه "رحمانيه" مورو سنڌ. |
| -حج لاءِ روانگي | ٣٠- سيپٽمبر سن ١٦٨١ع. |
| -نامزدگي ميمبر سينڊيڪيٽ مهراڻ يونيورسٽي. | سن ١٩٨٣ع. |
| -امتحان مولوي عربي. | ١١ نومبر ١٩٨٢ع. |
| -امتحان بي-اي. | ٨ فبروري سن ١٦٨٤ع (فرسٽ ڪلاس). |
| -مقام | مهراڻ ڪاليج مورو سنڌ. |
| امتحان مولوي عالم" | ١١- نومبر سن ١٩٨٢ع (سڪنڊ ڊويزن ۾ ڇهون نمبر). |
| امتحان مولوي فاضل" | ١١- نومبر سن ١٦٨٥ع (ڇهون نمبر). |
| امتحان "تنظيم المدارس" | ٢٧- فبروري سن ١٩٨٥ع (فرسٽ ڪلاس). |
| -ابتدا دوره تفسير. | ١٥- مارچ سن ١٩٨٩ع. |
| -أستاد | شيخ التفسير والحديث حضرت مولانا محمد فيض احمد اويسي. |

- امتحان ايم-اي عربي. — سن ١٦٨٦ع (پهريون نمبر).

- مقام — سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

- دستار فضيلت — ٦-نومبر سن ١٦٨٦ع بمطابق ٤/٣-ماهه ربيع الاول سن ١٣٠٧ هجري.



مدرسه عربيه رحمانيه مورو.

# حالات حضرت غلام محمّد پشاوري

حضرت خواجہ غلام محمّد صاحب سرهندي، پشاوري المعروف بہ حضرت جي صاحب پشاور واري ـ جنجو سلسلي نصب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رح جن سان هن ريت ملي ٿو. حضرت خواجہ غلام محمّد ابن حضرت خواجہ غلام محمّد معصوم ابن حضرت خواجہ محمّد اسماعيل ابن حضرت خواجہ صبغة الله ابن حضرت خواجہ محمّد معصوم ابن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله تعالى اسرارهم العاليہ.

مذڪوره بالا پنجن بزرگن جون مزارون سرهند شريف ۾ آهن. فقير جو ڏاڏو حضرت خواجہ عبد الرحمان صاحب موجوده وقت کان تقريبن اسي سال اڳ سنڌ جي مريدن جي جماعت سان گڏ سرهند شريف قبرن، مسجدن ۽ قبن جي مرمت لاءِ ويا هئا. اتي پهچي هر هڪ حضرت صاحب جي قبر تي سنڌ سان اسم گرامي ۽ وفات جي تاريخ سيد ميران محمّد شاھ ٽکڙائي ءَ جي هٿان لکائي هنائون. اهي يادگار ميران محمّد شاھ جا اڄ ڏينهن تائين موجود آهن.

## مختصر سوانح حيات

حضرت خواجہ غلام محمّد صاحب سڀ کان اول ديني علم جي تحصيل ڪئي. خصوصًا حديث شريف جي علم ۾ ممتاز زمانہ هئا. هر عمل مطابق، خواه عبادات هجي يا معاملات

حديث روايت ڪندا هئا .

درسي ڪتابن جي تڪميل کانپوءِ باطني علم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪري اعليٰ ڪماليت کي پهتا. انهيءَ کانپوءِ سندن والد شريف کين اجازت ۽ پنهنجي خلافت سان نوازي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي مسند تي ويهاري سڀني مريدن، مخلصن ۽ اولاد کي سندن سپرد ڪيو.

سندن وجود مقدس سان نقشبندي طريقو ترقي ڪري عروج تي پهتو ۽ عالمگير شهرت حاصل ڪيائين . دنيا جي هر پاسي کان امير، بادشاهه، مشائخ، عالم ۽ فقير سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. روايت آهي ته صبح جي وقت سندن حلقه ذڪر ۾ ٻارهن هزارن کان زياده ماڻهو جمع ٿيندا هئا .

حضرت خواجه علامه محمّد پشاوري، سرهندي جنجو اک ڪري دستور هوندو هو ته سال جا ڇهه مهينا لاهور ۾ ڇهه مهي پشاور ۾ قيام ڪندا هئا . حضرت صاحب جن پنهنجي عيال، مخلص ۽ خادمن سميت، بادشاهي نموني سان قافلي جي صورت ۾ سيار ۽ اونهاري ۾ سفر ڪندا هئا . ساڻن گڏ سون پالڪيون، ڪجا اٺ ۽ گهوڙا سفر دوران هوندا هئا .

حضرت صاحب جن جي پشاور کان لاهور روانگي ک هڪ مهينو اڳ آس پاس جا ماڻهو جهنگل وڍي رستو صاف ڪن هئا .

حضرت شاهہ غلام محمّد سرهندي، پشاوري صاحب جن پڻ انهن پنهي فرزندن جو زياده احترام ڪندا هئا ۔ اهي پنهنجي ڏاڏي بزرگوار حضرت خواجہ غلام محمّد معصوم سرهندي جا مريد ٿي وڏين بشارتن کان سرفراز ٿيا هئا ۔

حضرت خواجہ غلام حسين رحہ سرهندي المعروف بہ حضرت جي صاحب قنڌار وارا ، قنڌار ڏانهن هجرت ڪئي ۽ سندن وفات بہ قنڌار ۾ ٿي ٿي ۽ قبر مبارڪ قنڌار شهر جي ٻاهران اوڀر طرف شاهہ جوي ٿي مشهور آهي ۽ ماڻهن جي زيارت ۽ فيض جي مرڪز سان گڏ بهار جي موسم ۾ عام ۽ خاص جي تفريح گاهہ پڻ آهي۔ سندن اولاد قنڌار شهر جي آس پاس سڪونت پذير آهي ۔

## حضرت خواجہ غلام حسن سرهنديؒ

مذڪوره حضرت صاحب اسانجو ڏاڏو آهي ، جيڪي پنهنجي والد بزرگوار حضرت شاهہ غلام محمّد سرهندي ، پشاوري سان گڏ پشاور ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ حضرت جي پشاور واري جي نالي سان مشهور آهي ۔ حضرت خواجہ غلام حسن صاحب پنهنجي زندگي مبارڪ پشاور ۾ گذاري ۽ سندن قبر مبارڪ سندن والد شريف جي پاسي ۾ آهي ۔

حضرت خواجہ غلام حسن سرهندي رحہ جن اول نقشبندي طريقي جي اجازت پنهنجي ڏاڏي قطب الاقطاب حضرت شاهہ غلام محمّد معصوم رحہ کان حاصل ڪئي ، پوءِ پنهنجي ڏاڏي

زنده رهيا ۽ سن ١٢٠۴ ھ ۾ وفات ڪيائون • پنهنجي والد جي قريب مدفون آهن •

حضرت صاحب جن کي ست فرزند هئا ، سنڌ ، لوگر ۽ شبقدر جا سيئي سرهندي حضرات سندن ئي اولاد مان آهن • سڀ کان زياده ڪامل ولي صاحبِ ڪمالات حضرت شاه غلام نبي قدوت الاولياء مشهور ۽ معروف آهن ۽ اسانجا ڏاڏا بزرگوار به پاڻ آهن •

## حضرت شاه غلام نبي مجدّديؒ

حضرت شاه غلام نبي رحه ظاهري علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ باطني علوم ۽ فيوضات پنهنجي والد بزرگوار (حضرت شاه غلام حسن صاحب) کان حاصل ڪري خلافت ورتائون •

حضرت شاه غلام نبي رحه کي سندن والد کان مليل اجازت نامون ( جيڪو پاڻ ڪابل ، غزني ، قنڌار ۽ ترڪستان جي مريدن ڏانهن لکيوائون) جو مضمون هي آهي •

مخفي نماند دراينوقت فرزندی
ارشدی جامع الکمالات
نورچشمی میر غلام نبی که اجازت
نامه چهار طریقه که مراد
نقشبندیه و قادریه وچشتیه
وسهروردیه است بموجب

امرحضرات عالیشان رخصت،
ایں چہار طریقہ دادہ شد، ہر طالب
را کہ ذوق طلب راہ حق باشد
جَلّ وعلا در طریقہ نقشبندیہ و جمیع
طریقہ ہا باشد، مرید شوند کہ بہرہ
خواہند یافت از کمالات حضرات
ایشاں و خوشنودی حضرات عالیشان
خواہد شد الیٰ آخرہٖ )

نوٽ :- اهو اجازت نامون حضرت شاه غلام حسين صاحب جن جو هٿ اکر ۾ آهي. سان گڏ حضراتن جا پيا خط بو خوردار صاحبزاده محمّد ابراهيم جان مجدّدي وٽ ساماره ضلع مير پور خاص ۾ موجود آهن ۰

مَن شاءَ فليرجُع اليه

حضرت صاحب جن سن ١٢٢٦ هه ۾ قندار ۾ انتقال فرمايو ۽ پنهنجي چاچي حضرت شاه غلام حسين صاحب جي پرسان مدفون آهن ۰

## حضرت شاه فضل الله مجدّديؒ

حضرت شاه فضل الله رحه جن جي ولادت باسعادت سن ١٧٤ اهه ۾ قندار ۾ ٿي، پاڻ حضرت شاه غلام نبيؒ جا فرزند

رشيد آهن. سندن لکيل ڪتاب "عمدت المقامات" ۾ سندن فضائل ، ڪمالات علمي وعملي ، جذبات قلبي ۽ انوارِ باطني تي شاهد آهي.

پاڻ ظاهري علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي والد شاهه غلام نبي مجددي رحه جي حڪم سان حضرت خواجه صفي الله مجددي ڏانهن رجوع ٿي مريد ٿيا. سڄي حياتي پنهنجي مرشد خواجه صفي الله مجددي جي سفر ۽ حضر ۾ خدمت ۾ گذاريائون ۽ وڏين بشارتن کان سرفراز ٿي خلافت جي اجازت حاصل ڪيائون ( انهيءَ اجازت نامي جو نقل عمدة المقامات ۾ موجود آهي ). پاڻ ٥٣ سالن جي عمر ۾ سن ١٢٢٨ هه ۾ انتقال فرمايائون ۽ حضرت جي صاحب قنڌار واري جي قبرستان ۾ پنهنجي والد شريف جي پير ۾ مدفون آهن.

## حضرت شاه عبدالقيوم مجدديؒ

الشيخ الڪامل ، العارف الواصل ، ثاني مجدد حضرت شاهه عبدالقيوم ، حضرت شاهه فضل الله صاحب مجددي ۽ جو فرزند آهي. سندس ولادت سن ١٢١٠ هه قنڌار ۾ ٿي. ظاهري علم وقت جي جيد عالمن کان حاصل ڪري سلوڪ ، طريقت ۽ تربيت باطني پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائون.

ٻه چار دفعا حج جي سفر دوران سندن گذر سنڌ ۽ بلوچستان مان ٿيو ، جتي تمام گهڻا عالم ۽ فاضل سندن

خدمت ۾ پهچي فيضياب ٿيا

حضرت شاه عبدالقيوم رح جي سوانح عمري ۽ ملفوظات مباركه مرحوم آخوند اُميد علي هالائي هڪ مستقل ڪتاب "قدسيات قيوميه" ۾ لکي آهي (نوٽ هن وقت فقير جي ڪتبخاني ۾ قلمي موجود آهي).

انهيءَ ڪتاب جو ڪجهه مواد فقير پنهنجي ڪتاب مونس المخلصين ۾ به آندو آهي. حضرت صاحب جن سن ١٢٧١ھ قنڌار ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي پرسان مدفون آهن.

مرحوم آخوند اُميد علي هالائي جيڪو سندن خاص مريد هو، شعرگوئي ۽ خوشخطي ۾ ممتاز زمانه هو. جنهن حضرت صاحب جن جي وفات جي تاريخ هن مصرعه مان ڪڍي آهي.

بلغ العلیٰ بکماله
سنه ١٢٧١ھ

انهيءَ مصرعه کي آخوند صاحب پنهنجي طويل قصيده ۾ ذڪر ڪيو آهي.

منهنجي والد حضرت قبلا خواجه محمّد حسن جان مجددي رح انهن ٽنهي مذڪوره بالا حضرات جي قبرن جي مٿان سنگ مرمر جا ڪتبا لڳرايا. جن ۾ سندن ولادت ۽ وفات جا سنه لکيل آهن.

# حضرت خواجه عبدالرّحمٰن جان مجدّديؒ

حضرت خواجه عبدالقيوم جنجو فرزند حضرت قدوة السالڪين عمدة العارفين مجموعه اخلاق محمدي مخزن اسرار سرمدي حضرت خواجه عبدالرحمان جان مجددّي آهي. جيڪي هن فقير جا ڏاڏا بزرگوار آهن.

حضرت خواجه عبدالرحمان جان مجددّي رحه جسي ولادت باسعادت شهر قندار ۾ سن ١٢٤٤ هه ۾ ٿي. سندن وفات ٽکڙ ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ سن ١٣١٥ هه ۾ ٿي ۽ سندن قبر مبارڪ درياهه سنڌ جي ڪناري، گنجي ٽڪر جي دامن ۾ موجود آهي. وقت جي عالمن ۽ فاضلن سندن وفات تي ڪافي قصيدا ۽ تاريخ وارا شعر چيا آهن، جيڪي سندن حيات طيبه متعلق لکيل ڪتاب انيس المريدين ۾ درج ٿيل آهن. جيڪو حضرت صاحب جي سوانح عمري، ملفوظات ۽ ڪرامات تي هڪ جامع ڪتاب آهي. بعض عالمن سندن وفات وسن "غُفرلهٗ" مان ڪڍيو آهي.

# حضرت خواجه محمّد حسن جان مجدّديؒ

حضرت خواجه عبدالرحمان مجددّي صاحب جن جا فرزند ارجمند قدوة العلماء وسيلة الغرباء حضرت مرشدي خواجه محمّد حسن جان قدس سره جن آهن. سندن وجود مقدس ڪان هر هڪ واقف آهي، جنهنجي بيان ۽ وضاحت ڪرڻ جي

ضرورت نہ آهي ۔

سندن ولادت باسعادت سن ١٢٧٨ هہ ۾ قنڌار ۾ ٿي ۔ پاڻ پنهنجي خانقاه واقع ٽنڊو سائينداد ضلع حيدر آباد ۾ ٢ ماه رجب سن ١٣٦٥ هجري ۾ هن دار فنا مان انتقال فرمايائون ۔ سندن مزار مقبره شريف ۾ پنهنجي والد بزرگوار سان گڏ آهي ۔

هن فقير (حضرت قبلا شاه آغا) سندن حيات طيبہ تي هڪ جامع ڪتاب مونس المخلصين جي نالي سان لکيو آهي ۔ جنهن ۾ سندن فضائل ڪمالات علمي و عملي مفصل وظائف اخلاق حسنہ جو ذڪر ڪيل آهي ۔

جيئن تہ اڪثر مريد ۽ مخلص اسانجا حضرت صاحب پشاوري ۽ بين اسانجن ڏاڏن جي سلسلي عاليہ جي تاريخ کان نا واقف هئا ، تنهنڪري فقط مختصر تعارف بزرگن جو ڪرايو ويو آهي ۔

حاصل مقصد تہ حضرت جي صاحب شاه غلام محمد پشاوري مجددي منهنجي والد بزرگوار جا پنجان ڏاڏا هئا ۽ سندن فرزند شاه غلام حسن چوٿان ڏاڏا ۽ امام رباني رحہ ڏهين نمبر تي ڏاڏا آهن ۔ قدس سبحانہٗ و تعاليٰ اسرارهم ۔

بندهٔ عشق شدی ترک نسب کن جامی

کہ دریں راه فلاں ابن فلاں چیزے نیست

ترجمه :- محبت ۾ خدا تعاليٰ جو ٻانهو ٿي ۽ پنهنجي حسب ۽ نسب کي وساري ڇڏ ۔ جو ته هن راه ۾ فنا ٿي پڻ فنا ٿي جو ، ڪا به حيثيت نه ٿو رکي ۔

فقط والسلام - ١٨ - ماه مبارڪ ربيع الاول سنه ١٢٧٦ هجري ۔

فقير عبد الله هن تحرير کان حضرت جي صاحب پشاور واري جي قبرستان ۾ فارغ ٿيو ۔

هن مضمون جي پوري ڪرڻ کان پوءِ خيال آيو ته هن رسالي جو نالو مقابر الاولياء رکيو وڃي ۔

---



# گذارش

ايتري مختصر وقت ۾ هن رسالي جو شايع ٿيڻ بہ حضرت صاحب جن( پاڳاره سائين ) جي نگاهہ ڪرم ئي آهي ، ورنہ مون جهڙي ڪمعلم ۽ ڪمفهم لاءِ ناممڪن هو تہ صرف ويهن ڏينهن ۾ هڪ رسالو ڇپائي شايع ڪريان ؛

يقينن ، انهي ڪري ۾ ، علمي ، ترتيبي ۽ پروف ريڊنگ جون ڪافي غلطيون رهجي ويون هونديون ۰ قارئين ڪرام کي گذارش آهي تہ ، هن عاجز جي ڪمعلمي ، وقت جي تنگي کي مد نظر رکندي ، عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺي ڪوتاهين کي معاف فرمائين ۰

مان جناب صدرالدين شهيد صاحب ، محمد ايا زي پنهن جي ڀاءُ ڊاڪٽر عبدالقادر جو ٿورائتو آهيان ، جن جي ڪوششن ۽ تعاون کانسواءِ هن رسالي جو وقت اندر شايع ٿيڻ اگر ناممڪن نہ هو تہ مشڪل ضرور هو ۰ قارئين ڪرام کي عرض آهي تہ هو پنهنجي دعائن ۾ انهن سڀني کي ياد فرمائين ۽ هن عاجز سان گڏ جن بہ هن رسالي جي اشاعت ۾ حصو ورتو آهي تن کي بہ نہ وسارين ۰

شال الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب ( صلي الله عليه وسلم ) سان گڏ ، بزرگان دين خصوصن حضرات سلسلہ نقشبنديہ جن جا روح پرفتوح اسان کان راضي هجن ۰ آمين۔

ابو محمد مجددي (غلام اڪبر جتوئي)
٨ - بي ، صديق ڪورٽ باٿ آئلينڊ ـ ڪراچي

١٨ - اڪتوبر ١٩٨٦ع
١٣ صفرالمظفر ١٤٠٧هہ

